پريس رليز

# 29 مارچ ‏ٻي زمين هارين جو عالمي ڏينهن

## هاري زمين جي ملڪيت لاءِ اُٿي پون !

29 مارچ، 2025

گڏريل ڪيترن ئي سالن کان پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ، ٻين هارين، مزدورن ۽ سامراج مخالف تحريڪن، ايشين پيزنٽ ڪوليشن (APC)، پيپلز ڪوليشن آن فوڊ سوورنٽي (PCFS)، پيسٽي سائيڊ ايڪشن نيٽورڪ ايشيا پيسيفڪ (PANAP) ۽ انٽرنيشنل ليگ آف پيپلز اسٽرگل (ILPS) جي سهڪار سان 29 مارچ تي ٻي زمين هارين جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان ملهائي رهي آهي. هن ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد، خوراڪ جي خودمختياري ۽ پوري دنيا ۾ حقيقي زرعي اصلاحات لاءِ ننڍن ۽ ٻي زمين هارين جي جدوجهد کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ گڏ ملٽي نيشنل ڪمپنين ۽ انهن جي نمائندگي ڪرڻ وارا سامراجي ملڪن سان گڏ گڏ ٽئين دنيا جي ملڪن جي حڪومتن جي ظلم، جبر ۽ استحصال کي بي نقاب ڪڻ به شامل آهي.

هن وقت دنيا، خاص طور پاڪستان شديد معاشي بحران جي پنجري ۾ آهي، ڪروڙين ماڻهو، خاص ڪري محنت ڪندڙ طبقو شديد غربت، بيروزگاري ۽ بکن ۾ ورتل آهي، اهڙن حالاتن ۾ به سامراجي ملڪن، خاص ڪري آمريڪا، پنهنجي ناهيل سامراجي ادارن، آءِ ايم ايف، ورلڊ بينڪ ۽ ڊبليو ٽي او جي ذريعي حالاتن کي وڌيڪ تباهيءَ طرف وٺي وڃي رهيا آهن ۽ ان سان گڏ گڏ جنگ، عسڪريت پسندي جي ذريعي ماحولياتي تباهي، زمين، پاڻي، سمندر، جنگل، معدنيات ۽ ٻيا قدرتي وسائل لُٽڻ ۽ قبضو ڪرڻ جي دروازي تي آهن. آمريڪي حڪم تي صيحوني اسرائيل جو فلسطينين جي نسل ڪشي ۽ فلسطيني سرزمين تي قبضو هن جو هڪ مثال آهي.

انهن ٻي حالتن جو شڪار پاڪستاني عوام خاص طور تي ڳوٺاڻي آباديون آهن. مانسهره ۽ ٻين ضلعن ۾ مقامي آبادين کي ٻيلن تائين پهچڻ ۾ روڪيو وڃي ٿو. پشاور ۾ ترقياتي منصوبن جي آڙ ۾ مقامي آبادين کان زمين ڪَسي پَئي وڃي. گرين انيشيٽوِ جي نالي تي پنجاب ۽ سنڌ ۾ هزارين ايڪڙن جي ايراضيءَ کي ڪارپوريٽ زراعت لاءِ رکيو ويو آهي. ڪير ۽ جانورن جي شعبي تي ملٽي نيشنل ڪمپنين جي قبضي لاءِ پهريان کان ئي رستو ناهيو ويو آهي، جنهن تحت کليل ۽ تازي کير تي پابندي ۽ ڪمپنين جو ڊٻي ۾ بند پيل کير کي فروغ ڏنو وڃي ٿو. ان سان گڏ جينياتي ٻجن کي پڻ فروغ ڏنو وڃي ٿو، جيڪو خاص طور تي ٻِجن جي ديوَ جهڙي شڪلن وارين ڪمپنين جو ٻي تحاشا منافعي جو ضامن آهي. اهڙي طرح ديوِ جهڙي شڪل پيپسي ڪارپوريشنز کي هزارين ايڪڙ ايراضي پٽاتا پيدا ڪرڻ لاءِ ڏني وئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ننڍا ۽ ٻي زمين هاري ۽ مزدور ٻي زميني، بيروزگاري ۽ بُک کي واڌارو ڏيڻ واري اجرت تي ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي ويا آهن. ان ايراضيءَ تي پٽاٽن جو ٻج ان ڪمپنيءَ جي ملڪيت آهي.

خوراڪ جي نظام جي ڊيجيٽلائيزيشن جنهن جو مثال پاڪستان هاري ڪارڊ آهي، جيڪو آزاد تجارت جو هڪ خطرناڪ عنصر آهي نه صرف زرعي ڪيميائي ڪارپوريشنز پر ماليائي ۽ آءِ ٽي ڪارپوريشنن کي زراعت تي قبضو ڪرڻ لاءِ جڳهه ڏئي رهي آهي، ان کان علاوه زراعت ۽ ٻين شعبن ۾ جدت جي آڙ ۾ ڊرون ٽيڪنالوجيءَ جو استعمال به ڳوٺاڻي آبادين جي روزگار تي طاقت جي نفعي لاءِ رستو ناهي رهيو آهي.

ايگرو فيول جي نفعي لاءِ ڪمند جي پيداوار ۾ اضافي سبب ٻي زمين هارين کي شديد بک ۽ غربت جي چَڪيءَ ۾ ڍِڪي ڇڏيو آهي. ڪمند جي فصل سبب ڪڻڪ جهڙا اهم غذا وارا فصل تمام گهڻو متاثر ٿيا آهن. منافعي کي ڳولها ڪندڙ ڪارپوريشنن، سامراجي دلالن کي اسان جو رياستي نظام جيڪو گهڻي ڀاڱي جاگيردارن جي قبضي هيٺ آهي، پوري طرح سهولتون ميسر ڪري ٿو.

عوام پهريان ئي ڪسمپرسيءَ ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي ۽ اسان جي اشرافيه سنڌو درياءَ مان ڇهن نَوَن ڪئنالن جو اعلان ڪري چُڪي آهي. سنڌ خاص طور اندروني سنڌ پهريان ئي غير منصفاڻي پاڻيءَ جي تقسيم جو شڪار آهي. نَوَن اعلان ڪندڙ ڪئنالن جي تعمير سان وڌيڪ ناانصافيءَ جو شڪار ٿيندي، ان ڪري هن منصوبي جي خلاف وڏي پئماني تي مظاهرا ڪيا وڃن ٿا.

بک ۽ ٻي زمينيءَ جي شڪار عوام جي لاءِ هڪ ٻي خطرناڪ خبر اها آهي ته وفاقي حڪومت آءِ ايم ايف جي شرطن تحت 2024 ۽ 2025 جي لاءِ ڪڻڪ جي گهٽ ۾ گهٽ امدادي قيمت جو خاتمو ڪري ڇڏيو آهي. ڪڻڪ جي امدادي قيمت جي خاتمي جي حڪومتي پاليسي ننڍن ۽ ٻي زمين هارين جي لاءِ تباهي ڪري رهي آهي. اڪثر هارين جو چوڻ آهي ته، حڪومت پهريان جيڪا امدادي قيمت طئي ڪندي هُئي، اها به اسان جي خرچن جي مقابلي ۾ گهٽ هُئي، پر هاڻي قيمت جو مقرر آزاد منڊيءَ جي حوالي ڪرڻ سان ته اسان جي چيله ڀڄي پوندي. ڪروڙين هارين تي پوندڙ انهن انتهائي منفي اثرن کان نظر چُرائڻ حڪومت جي هڪ ٻي قاتل حڪمت عملي آهي.

صاف ظاهر آهي ته اسان جي حڪومت هارين خاص طور ٻي زمين هارين، زرعي مزدورن، ماهگيرن، ڳوٺاڻي عورتن، نوجوانن ۽ ٻارڙن جي مفادن جي تحفظ لاءِ پاليسين ۽ قانونن کي لاڳو ڪرڻ بدران آزاد منڊيءَ جا قانون لاڳو ڪري رهي آهي، جيڪو عوامي بربادي‌ءَ جي شڪل ۾ سامهون اچي رهي آهي.

پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ ننڍن ۽ ٻي زمين هارين، محنت ڪندڙ طبقي جي حقن لاءِ پنهنجي لڙائيءَ ۾ مضبوطيءَ سان بيٺي آهي. اسان خوراڪ جي خودمختياريءَ لاءِ جدوجهد جاري رکندا سين، جنهن ۾ زمين جي منصفانه ۽ مساويانه تقسيم سان گڏ گڏ پنهنجو ٻج لڳائيندا سين ۽ ڪمپنين کي ڀڄائيندا سين جي مقصد کي سامهون رکندي محنت ڪندڙ طبقي سان گڏ پنهنجي ٻَڌيءَ کي مضبوط ڪندا سين. زمين، جنگل، پهاڙ، سمندر سميت ٻين وسائلن ۽ مقامي آبادين جي اختيار ۽ فيصلا سازيءَ جي فائدي واري نظام کي وڌائيندي، جاگيردارانه، سرمائيدارانه ۽ ڪارپوريٽ قبضي کي بي نقاب ڪندا سين.

جاري ڪندڙ: پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ (پي ڪي ايم ٽي) 03072891865